# 27 نمازن جو ثواب



17-June-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

17 جون 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# 27 نمازن جو ثواب

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ..........

- ❖... صدر الشريعه، مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو ذڪرِ خير
- ❖... صدر الشريعه رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو نماز جو ذوق
- ❖... باجماعت نماز جون فضيلتون
- ❖... باجماعت نماز جون ڪجھ حڪمتون

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ دعوتِ اسلامي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان به حفاظت ٿيندي، گُناهن کان به محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن به مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري وٺو! ان جا به 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو ته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائز ٿي وينديون.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## درود شريف جي فضيلت

**اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: الله پاڪ جي خاطِر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن، هٿ ملائن ۽ نبي** (صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) **تي درود موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا سمورا**

**گُناھ بخشيا ويندا آھن.** (شُعَب الايمان، فصل :المصافحہ، جلد:6، صفحہ:471، حديث:8944)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث ورضا دے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:114)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آھي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ چڱي نيت انسان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آھي. ( جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

اي عاشقانِ رسول! ھر جائز ڪم کان پھريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گھرجي، ڇوتہ سٺي نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آھي. بيان ٻڌڻ کان پھريان بہ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلَمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويھندس ❖ بيان دروان سُستي کان بچندس ❖ پنھنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اھو ٻين تائين پھچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آھي: "27 نمازن جو ثواب" يعني اڄ جي بيان ۾ اسان اِن شَآءَ اللّٰہُ الكرِيم! باجماعت نماز جون فضيلتون ۽ برڪتون ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين، پر جيئن تہ ذوالقَعدَة الحَرام جو مھينو ھلي رھيو آھي ۽ ھن مبارڪ مھيني جي 2 تاريخ تي عِلمي دنيا جي ھڪ عظيم ھستي، صَدرُ الشَّرِيعہ بَدرُ الطَّرِيقہ حضرت عَلّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عُرسِ پاڪ ملھايو ويندو آھي، لھٰذا صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو فيضان حاصِل ڪرڻ جي لاءِ شروع ۾ اسان صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو

تذڪرو پڙهڻ ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي صَدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَّرِيقہ، مولانا، مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فيضان نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

یہ ساری برکتیں ہیں خدمتِ دینِ پیمبر کی　　　جہاں میں ہر طرف ہے تذکرہ صدرِ شریعت کا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي هڪ يادگار حڪايت

شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه پنهنجي رِسَالي ”تذڪرۀ صَدرُ الشَّرِيعه“ ۾ پنهنجي هڪ يادگار حِڪايت نقل ڪندي فرمائن ٿا: عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي نهڻ ڪان تمام گهڻو پهريان يعني منهنجي ننڍپڻ يا ان ڪان بعد جو واقعو آهي: هڪ ڏينهن مان پنهنجي وڏي ڀاءُ (مرحوم) سان غالبًا ظهر جي نماز **”بادامي مسجد“** ۾ ادا ڪري ٻاهر نڪتس، امام صاحب نماز مان فارغ ٿي مسجد ڪان ٻاهر اچي چڪو هو، ڪنهن ڪو مسئلو پڇيو، ان تي امام صاحب ڪنهن کي حڪم ڏنو تہ وڃ! **”بهارِ شريعت“** کڻي اَچ.!! ڪتاب سندن هٿن ۾ ڏنو ويو، ان ڪتاب تي وڏن اکرن سان **”بهارِ شريعت“** لکيل هو، امام صاحب ان جا صفحا (*Pages*) اُٿلائڻ شروع ڪيا، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه فرمائن ٿا: مون کي ان وقت خاص پڙهڻ تہ نہ ايندو هو پر مختلف هنڌن تي وڏن وڏن اکرن سان لفظِ **”مسئلو“** لکيل ڏٺو، جيئن تہ مسئلا ٻُڌي مون کي گهڻو سڪون ملندو هو، ان ڪري مون کي خواهش پيدا ٿي تہ ڪاش! اهو ڪتاب مون کي ڪٿان ملي وڃي، پر نہ مون مذهبي ڪتابن جو ڪو دُڪان ڏٺو هو، ۽ نہ ئي اهو شُعور هو تہ اهو ڪتاب خريد ڪري سگهجي ٿو، خير جيڪڏهن وڪامجي ها تہ بہ مان هن کي ڪٿان خريد ڪري سگهان ها! ايترا پيسا ڪنهن وٽ هوندا هئا..!!

بهرِ حال! **بهار شريعت** مون کي ياد رهجي ويو ۽ آخر ڪار اهو ڏينهن به اچي ويو جو الله پاڪ جي رحمت سان مان **بهارِ شريعت** خريد ڪرڻ جيترا پيسا گڏ ڪري ورتا. انهن ڏينهن ۾ بهارِ شريعت ٻن جلدن ۾ هوندو هو، جنهن جو هديو پاڪستاني 32 روپيا هو، ۽ **بغير جلد جي** 28 روپيا هو. مون **مڪمل بهارِ شريعت بغير جلدن** وارو 28 روپين ۾ خريد ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اُن زماني ۾ اها وڏي رقم هئي، ۽ بهارِ شريعت جا 17 حصا هئا، هاڻي البته 20 حصا آهن، الحمد لله! مون کي هن ڪتاب جي برڪت سان معلومات جو اهو انمول خزانو هٿ آيو جو مان اڄ تائين هن ڪتاب جي واڪاڻ ڪندو آهيان ۽ هن عظيم الشّان تصنيف جا مصنف خليفه اعليٰ حضرت، صدر الشريعه، بدرُ الطريقه، مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن. (تَذْكِرهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَه، صفحه:2-3)

*دم سے تیرے بہارِ شریعت ہے چار سُو — باطل ترے فتاوی سے لرزاں ہے آج بھی*

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَڄ اسان سڀئي انهيءَ بزرگ بابت تذڪري ۾ شامل آهيون، جن کي دُنيا **صدرُ الشريعه، بدرُ الطريقه، مفتي محمد امجد علي اعظمي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي سان سڃاڻي ٿي، سندن لکيل ڪتاب **"بهارِ شريعت"** اَڄ به عالم سڳورن جي ضرورت آهي، اَڄ به ان ۾ لکيل مبارڪ مسئلا سڄ جي ڪرڻن جيان ٿمڪي رهيا آهن، **بهار شريعت** کي فقه حنفي جو اِنسائيڪلوپيڊيا (*Encyclopedia*) چيو ويندو آهي.

**اي عاشقان رسول!** هينئر جيڪا اسان حِڪايت ٻُڌي، هن کي سامهون رکي ٿورو **شيخ طريقت، امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي سيرتِ پاڪ** تي به غور ڪريو! ڏسو! **شيخ طريقت، امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي ننڍپڻ** جو يا ڇوڪرات وارو دَور هو، ان عمر ۾ عام طور تي ٻارن جي دِل راند روند جي سامان ڏانهن ويندي آهي، دل دُنياوي شيون خريدڻ چاهيندي آهي پر **شيخ طريقت، امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ننڍپڻ ڪيڏو نه پيارو هو..! ڇوڪرات وارو دور ڪيڏو نه پيارو هو..! ان عمر ۾ به سندن خواهش هئي ته ڪنهن نموني فقه حنفي بابت

عالِم بنائڻ وارو ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حاصِل ٿي وڃي، پيسا نہ هئا، انتظار ڪندا رهيا، يقيناً پيسا گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هوندي، پوءِ وڃي ڪٿي اهو ڪتاب خريد ڪيو هوندو، پوءِ اهو عظيم ڪتاب خريدڻ ڪان پوءِ خوشِي جو عالَم اهو هو ڄڻ تمام وڏي دولت هٿ اچي وئي هجي...!! الله اڪبر! امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي نندپڻ مبارڪ جو اهو انداز ڪيترو انوکو ۽ پيارو آهي! الحمدلله! اڄ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جنهن رُتبي تي پهتا آهن، عالم سڳورا فرمائن ٿا: اميرِ اهلسنت ڪان جڏهن ڪو مسئلو پڇيو ويندو آهي تہ پاڻ ايتري گهرائي سان ان مسئلي جو تفصيل بيان ڪندا آهن، هيئن لڳي ٿو تہ ڄڻ بهار شريعت جا ڪيئي باب انهن ڪي زباني ياد آهن ۽ فقہ جي مسئلن تي وڏو عُبُور حاصل آهي.

سُبحٰنَ الله! نندپڻ بہ اهڙو باڪمال ۽ نِرالو هو ۽ اڄ بہ الحمد لله! سڄي دُنيا ۾ لکين عاشقان رسول شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه سان فيضياب ٿي رهيا آهن.

امیر اہلسنت! آپ کی ہمت کیا کہنا　　جو بد کو نیک کر دے اس دعوت کا کیا کہنا
شُعُور و عِلم و آگاہی ملے جس سے مسلماں کو　　ترے پیارے نظامِ عِلم اور حکمت کا کیا کہنا

(مناقِبِ عطار، صفحہ:13)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صَدرُالشَّرِيعہ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو مختصر تعارف

اي عاشقان رسول! ❖ مُحسِنِ اهلسنت، خليفہ اعليٰ حضرت، مصنفِ بهار شريعت، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد اَمجَد علي اعظمي رضوي، سنّي، حنفي، قادري، برڪاتي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه 1300سن هجري ۾ هِند جي علائقي مدينةُ العُلَماء گهوسي شريف ۾ پيدا ٿيا. ❖ پاڻ اِبتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي حضرت مولانا خُدا بخش رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ڪان گهر ۾ حاصل ڪئي ❖ پوءِ پنهنجي علائقي ئي ۾ مدرَسہ

ناصرُ العلوم ۾ پڙهندا رهيا ❖ پوءِ جُونپور پهتا ۽ مولانا محمد صديق رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کان ڪجھ اَسباق پڙهيا پوءِ حضرت علامہ هدايتُ الله خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضِر ٿي دَرسِ نظامي يعني عالِم ڪورس مڪمل ڪيو ❖ پوءِ پيلي ڀيت ۾ حضرت مولانا وصي احمد مُحَدّثِ سُورَتي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضِر ٿي ۽ انهن وٽ دوره حديث شريف مڪمل ڪيو. (تَذْکَرهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:5-6)

❖ دَرسِ نظامي يعني عالِم ڪورس مڪمل ٿيڻ کان پوءِ صدر الشريعہ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ صُوبہ بهار (هند) ۾ "مدرسہ اَهلِ سُنت" ۾ پڙهائڻ شُروع ڪيو ❖ انهيءَ دوران اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي زيارت نصيب ٿي ۽ اعليٰ حضرت سان بيعت ٿيڻ جو بہ شرف حاصِل ڪيائون ❖ صدر الشريعہ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي اها سَعَادت بہ نصيب ٿي تہ پاڻ 18 سال آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي صحبتِ بابرڪت ۾ حاضِر رهيا. (تَذْکَرهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:8-15ملتقطاً)

*اس پہ دائم لطف فرما چشم حق بینِ رضا مُرشِدِ کامِل کا مَنظُورِ نظر امجد علی*

وضاحت: يعني صَدرُ الشريعہ، مفتي محمد امجد علي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ پنهنجي پير ومُرشِد، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جا مَنظُورِ نظر آهن، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي حق سڃاڻڻ، ڄاڻڻ واري نگاه هميشہ سندن تي مهربان رهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! صَدرُ الشَّرِيعہ، مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمتِ باسعادت ۾ حاضِر ٿيڻ کان پوءِ سڄي عمر ديني خدمت ئي ۾ مَصرُوف رهيا، آخر 1367 هجري بمطابق 1948 ۾ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حج جو ارادو ڪيائون ۽ ٻيڙيون مديني ۾ سوار ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي وطن مدينة العلماء گهوسي مان بمبئي تشريف فرما ٿيون، اتي ڪيس نمونيا ٿي پيو ۽ ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ کان پهريان ئي ذوالقعدة الحرام جي ٻي رات 12 بجي 26 منٽ تي ڪين لاڏاڻو ڪيو. (تَذْکَرهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:39)

**اي عاشقانِ رسول!** موت تہ سيني کي اچڻو ئي اچڻو آهي پر صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مُقَدَّر ڏسو تہ حج جي سَفر دوران سندن سَفرِ آخرت جو آغاز ٿيو ۽ حديثِ پاڪ جي مُطَابق جيڪو شخص حج جي لاءِ گهران نڪري ۽ رستي ۾ موت اچي وڃي تہ قيامت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو. (مُسند ابو يعلى، جلد:5، صفحہ:44، حديث:6350)

مدینے کا مسافر ہند سے پہنچا مدینے میں　　قدم رکھنے کی بھی نوبت نہ آئی تھی سفینے میں

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صَدرُالشَّرِيعَہ جو ذَوقِ نماز

**اي عاشقانِ رسول!** صَدرُ الشَّرِيعَہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نماز سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارا هئا، سَفر ۾ هجن يا گهر ۾، ڪڏهن بہ نماز قضا نہ ڪندا هئا، شَدِيد کان شَدِيد بيماري جي حالت ۾ بہ نماز ادا ڪندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اجمير شريف ۾ هئا تہ پاڻ کي شديد بُخَار ٿي پيو، ايستائين جو بي هوش ٿي ويا، منجهند کان پهريان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيهوش ٿي پيا ۽ عصر تائين انهيءَ حال تي رهيا. حافِظ ملّت مولانا عبدُالعزيز مبارڪ پُوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه صَدرُ الشَّرِيعَہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو شاگرد آهي، هو بہ سندن خدمت لاءِ حاضِر هو، صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي جڏهن هوش آيو تہ سڀ کان پهريان اهو پڇيائون: وقت ڇا ٿيو آهي؟ ظهر جو وقت آهي يا نہ؟ حافِظ ملّت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وقت ٻڌايو ۽ عرض ڪيائين: هينئر ظهر جو وقت نہ آهي. اهو ٻڌي صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ايتري تڪليف پهتي جو اکين مان لُڙڪ وهڻ لڳا. حافِظِ مِلّت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪيو سائين...!! ڇا ڪٿي ڪو دَرد آهي؟ ڪٿي تڪليف ٿي رهي آهي؟ فرمايائون: (تمام وڏي) تڪليف آهي ۽ اها هيءَ تہ "ظهر قضاء ٿي وئي" حافِظِ مِلّت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪيو: سائين! توهان بيهوش هئا، بيهوشِي جي صورت ۾ نماز قضا ٿيڻ تي ڪو مؤاخذو (يعني قيامت ۾ پڇا ڳاڇا) ناهي. پنهنجي شاگرد جو اهو تسلي ڏيندڙ جملو ٻڌي صَدرُ الشَّرِيعہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيڪو

جواب ارشاد فرمايائون، دِل جي ڪنن سان ٻڌڻ لائق آهي، جڏهن حافِظِ مِلَّت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو تہ هن نماز جي قضا ٿيڻ تي تہ ڪو گُنَاهہ نہ آهي، ان تي فرمايائون: اوهان مؤاخذي جي ڳالھہ ڪري رهيا آهيون؟ (يعني اوهان اهو چئو ٿا تہ قيامت جي ڏينهن پڪڙ نہ ٿيندي، ها! اهو تہ درست آهي، بيهوشي جي حالت ۾ نماز قضا ٿيڻ تي گُنَاهہ نہ آهي، پر افسوس...!!) مان مقرر وقت تي دربارِ الٰهي ۾ هڪ حاضِري کان مَحرُوم رهيس...!! (تَذْكِرَهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَه، صفحه:30)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن تي نهايت سختي سان پابند هئا تہ مسجد ۾ حاضر ٿئي باجماعت نماز پڙهن. بلڪ ڪنهن سبب جي ڪري مؤذن مقرر وقت تي نہ پهچندا ها تہ صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اَذان بہ پاڻ ڏيندا ها.

پُوڙهائپ (يعني *Old Age*) ۾ صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نئين گهر يعني قادري منزل ۾ رهائش پذير هئا، هتان کان مسجد ٿوري فاصلي تي هئي، ان وقت صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نظر ڪمزور ٿي چڪي هئي، هڪ ڀيري ائين ٿيو جو صبح جي وقت نماز لاءِ وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ کوهہ هيو، اجان ڪجهہ انڌيرو هو ۽ رستو بہ برابر نہ هو، بي خياليءَ ۾ کوهہ جي مٿان اچي نڪتا، قريب هو جو کوهہ ۾ قدم رکي ڇڏين ها، ايتري ۾ هڪ عورت آئي ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين: "اڙي مولوي صاحب! کوهہ اٿئي بيهي رهہ! نہ تہ ڪري پوندين!" اهو ٻڌي صَدرُ الشّريعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قدم روڪي ورتا ۽ پوءِ کوهہ کان هٽي مسجد شريف ويا.

يعني مسجد وڃڻ ۾ صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ايتري مَشَقَّت ٿيندي هئي، ان جي باوُجُود پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مسجد جي حاضِري نہ ڇڏي. (تَذْكِرَهٔ صَدْرُ الشَّرِيْعَه، صفحه:31-32) اللّٰه پاڪ صَدرُ الشَّرِيعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي بہ نمازِ باجماعت جو شوق ۽ جذبو عطا فرمائي.

## باجماعت نماز پڙهڻ واجب آهي

بيشڪ مسجد ۾ اچڻ، مسجد کان محبت ڪرڻ، مسجد ۾ دل لڳائڻ، پنج ئي نمازون پابندي سان باجماعت ادا ڪرڻ نيڪ شخص جي نشاني آهي، اللّٰه پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ (پاره1،سورۂ بقره:43)

ترجموڪنزُالايمان: ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪيو.

مُفَسِّر قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن (يعني رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو) جو مطلب اهو آهي ته جماعت سان نماز پڙهو، ڇوته جماعت سان نماز اڪيلي نماز پڙهڻ کان ستاويهه (27) درجا افضل آهي. (تفسير نعيمی، پاره:1، سورۂ بقره، زيرِ آيت:43، جلد:1، صفحہ:340)

پيارا اسلامي ڀائرو! هر مسلمان مَرد جيڪو عاقِل يعني عقل مند آهي، ڇريو نه آهي، بالغ آهي، نابالغ نه آهي، حُر يعني آزاد آهي، پهرين دَور ۾ جيئن ته باقاعده پيسن سان غُلام خريد ڪيا ويندا هئا، اهڙو غُلام نه آهي ۽ جيڪو قادِر آهي، يعني مسجد تائين پهچڻ جي طاقت رکي ٿو، اُن تي پنج ئي نمازون مسجد ۾ اچي باجماعت ادا ڪرڻ واجِب آهي، جيڪڏهن بنا ڪنهن شَرعِي مَجبُوري جي هڪ ڀيري به جماعت ڇڏيندو ته گنهگار ٿيندو ۽ جيڪر ڪيئي ڀيرا جماعت ڇڏيندو ته اهڙو شخص فاسِق آهي. (بہار شريعت، جلد:1، صفحہ:582، حصہ:3بتغير قليل)

۽ جيڪو شخص مسجد ۾ پهچڻ جي طاقت نٿو رکي مثال طور انڌو آهي، يا اُن جون ڄنگهون سلامت نه آهن، شديد بيمار آهي، هلي ڦري نٿو سگهي ته اهڙي شخص تي توڙي جو جماعت واجِب نه آهي، البت ان جي لاءِ به اَفضَل اهو ئي آهي ته جيئن ممڪن ٿئي مسجد ۾ اچي ۽ نماز باجماعت ئي ادا ڪري. الحمدللّٰه! اسان جي آقا ۽ موليٰ، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو عام طور تي اهو

ئي مبارڪ عمل هو، جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرض نمازون باجماعت ادا ڪندا هئا.

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

(وسائل بخشش، صفحہ:102)

## پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ باجماعت نماز

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا بيان ڪن ٿيون: جڏهن سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه عالي ۾ سخت بيماري حاضرِ خدمت ٿي، حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نماز جو اطلاع ڏيڻ جي لاءِ حاضر ٿيا تہ ارشاد فرمايائون: ابوبڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائن. پوءِ حضرت سيدنا ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ نماز پڙهڻ ۾ مشغول هئا ان دوران پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ طبيعت ۾ ٿوري چاڪائي محسوس ڪئي تہ اٿي ٻن ڄڻن جي سهاري جي ذريعي مسجد جي طرف اهڙي طرح تشريف ڪٺي ويا جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ قدم زمين تي لڳي رهيا هئا، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن جو آواز محسوس ڪيو تہ پوئتي هٽڻ لڳا، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کي اشارو ڪيو (تہ پوئتي نہ هٽو) پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي کاٻي پاسي ويهي رهيا، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ بيهي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويهي نماز پڙهي رهيا هئا، حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سندن جي اقتدا ۾ (يعني پويان نماز ادا) ڪري رهيا هئا ۽ ماڻهو حضرت سيدنا ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي پويان نماز پڙهي رهيا هئا.

(بُخاری، کتاب:الاذان، صفحہ:237، حدیث:713)

## اسان بہ خوب عاشقِ رسول آهيون!

اي عاشقانِ رسول! هن حڪايت مان اسان جي پياري پياري آقا، مڪي

مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جماعت سان تمام گهڻي دلچسپي جو اظهار ٿئي ٿو، جو شديد بيماري جي حاضري جي حالت ۾ به رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جماعت ڇڏڻ پسند نه هو.

الحمد لله! جيڪي واقعي سچا عاشقِ رسول آهن، اهي به سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پيروي ۾ باجماعت نماز سان خوب محبت ڪندا آهن ۽ هر حال ۾ نماز باجماعت ئي پڙهڻ جو اهتمام ڪندا آهن. سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ منقول آهي ته هڪ ڀيري رَبيع الاول شريف ۾ ٻارهين شريف جي محفلِ پاڪ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ بيان فرمائڻ کان پوءِ شام جو سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه شديد بيمار ٿي پيا، ان مَرض جي شِدَّت بيان ڪندي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خود فرمائن ٿا ته اُن ڀيري ايترو بيمار ٿيس جو ان کان اڳ ڪڏهن نه ٿيو هيس، مون وصيت نامو به لکرائي ڇڏيو هو.

ان مرض جي حاضِري جي دوران اهڙي نازُڪ حالت هئي جو مَسجِد پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي گهر جي بلڪل ويجهو هئي، ان جي باوُجُود پاڻ هلي مَسجد حاضِر ٿي نه سگهندا هئا، پر قربان وڃجي! سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باجماعت نماز سان محبت صَد مرحبا! جو هن حال ۾ به پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪا جماعت نه رهجي، توڙي جو هن حال ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي جماعت واجِب نه هئي پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اَفضَل تي عمل ڪندي پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ئي ۾ ادا ڪندا هئا، ان جي صُورت اها هوندي هئي ته چار ماڻهو ڪرسي تي ويهاري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي مسجد وٺي ايندا هئا ۽ نماز کان پوءِ واپس گهر وٺي ويندا هئا. (فتاویٰ رضویہ، جلد:9، صفحہ:547)

خدا کی محبّت، نبی کی محبّت کے پیکر ہیں بے شک مِرے اعلیٰ حضرت

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰنَ الله! اهو آهي سچو عشقِ رسول! اَفسوس! هاڻي عشقِ رسول جا

صرف وڏا وڏا دعوا رهجي ويا آهن، افسوس! صحت جي باوجود ماڻهن جي جماعت تہ جماعت، نماز تائين نکري ويندي آهي!

هر عبادت سے برتر عبادت نماز ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ رب سے دلوائے گی تم کو جنت نماز
پیارے نبی کی آنکھ کی، ٹھنڈک نماز ہے جنت میں لے چلے گی جو، بے شک نماز ہے

ڪاش...! اسان کي بہ پنج ئي نمازون، مسجد ۾ پهرين صَف ۾، تڪبيرِ اُولىٰ سان پڙهڻ جي سَعَادَت ملي ۽ ان جي اهڙي عادَت ٿئي جو مرڻ گهڙي تائين شَرعِي مَجبُوري جي بغير ڪڏهن هڪ جماعت بہ رهجي نہ وڃي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یااِلٰہی!

(وسائل بخشش، صفحہ:102)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## باجماعت نماز جون فضيلتون

امير المؤمنين، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون ٻنهي جهانن جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکي ٿو. (مسند احمد، جلد:2، صفحہ:309، حديث:5112)

حضرت ابو سعيد خدرِي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ٻانهو باجماعت نماز پڙهي پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت (يعني ضرورت) جو سُوال ڪري تہ الله پاڪ هن ڳالهہ

کان حياء فرمائيندو آهي تہ ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي وڃي. (كَنْز الْعُمَال، كتابُ: الصّلوٰة، جز:7، جلد:4، صفحہ:227، حديث:20239)

جماعت سے گر تو نمازیں پڑھے گا　　خدا تیرا دامن کرم سے بھرے گا

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: مرد جي نماز مسجد ۾ جماعت سان، گهر ۾ ۽ بازار ۾ پڙهڻ کان 25 دَرَجا وڌيڪ آهي. (بُخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:223، حدیث:646)

۽ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: نماز باجماعت اڪيلو نماز پڙهڻ کان 27 دَرجا وڌيڪ آهي. (بُخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:223، حدیث:645)

اي عاشقانِ رسول! فرض ڪريو تہ ڪنهن وٽ واپار جو سامان آهي، جيڪڏهن هو ان کي پنهنجي شهر ۾ وڪڻي تہ ان جي قيمت 100 روپيا لڳندي ۽ جيڪر سمنڊ پار وڃي اهو ئي سامان وڪڻي تہ 2500 يا 2700 روپين ۾ وڪامجي وڃي تہ هو يقينًا سمنڊ پار وڃي ئي پنهنجو مال وڪڻڻ پسند ڪندو جوتہ 25 ڀيرا وڌيڪ يا 27 ڀيرا وڌيڪ نفعو ڪير ڇڏيندو! افسوس! دنيا جي دولت وڌائڻ جي لاءِ تہ پري پري جو سفر ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو تيار ٿي ويندا آهن، پر گهر مان صرف چند قدم هلي مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهي هڪ نماز تي 27 نمازن جو ثواب ڪمائڻ ۾ ڪي ماڻهو سستي ڪري ويندا آهن ۽ گهرن ۾ ئي نماز ادا ڪندا آهن.

بھائی مسجد میں جماعت سے نمازیں پڑھ سدا　　ہوں گے راضی مصطفٰے ہو جائے گا راضی خدا

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

حضرت محمد بن سَمَاعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امامِ اعظم، اَبُو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شاگردن جا شاگرد آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ سؤ ٽي(103) سالن جي عمر ماڻي، پاڻ روزانو ٻہ سؤ (200) رڪعت نفل نماز پڙهندا هئا. (تَارِيْخ بَغْدَاد، جلد:2، صفحہ:404) ۽ سندن باجماعت نماز جي جذبي جو اهو عالم هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسلسل چاليهہ سالن تائين منهنجي هڪ ڀيري کان علاوه ڪڏهن بہ تڪبيرِ اوليٰ قضا نہ

ٿئي. منهنجي والده جو انتقال جنهن ڏينهن ٿيو ان ڏينهن هڪ وقت جي جماعت قضا ٿي پئي تہ مون ان خيال سان تہ جماعت جي نماز جو 25 ڀيرا ثواب ملندو آهي اها ئي نماز مون اڪيلي ۾ پنجويهہ (25) ڀيرا پڙهي، پوءِ مونکي ننڊ اچي وئي تہ ڪنهن خواب ۾ اچي چيو تہ: ”پنجويهہ نمازون تہ تو پڙهي ورتيون پر ملائڪن جي آمين جو ڇا ڪندي؟ (تَارِيْخ بَغْدَاد، جلد:2، صفحہ:404)

**اي عاشقانِ نماز! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي جماعت جي جذبي جي ڇا ڳالهہ ڪجي! هڪ نماز جي جماعت رهجي وڃڻ تي حضرت محمد بن سماعہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **اها نماز 25 ڀيرا پڙهي!**

*هو کرم اے رَبِّ رحمت! پئے سرورِ رسالت نہ نمازِ باجماعت کی چھٹے کبھی سَعَادت*

(فيضانِ نماز، صفحہ:168)

**پيارا اسلامي ڀائرو! وڌيڪ هن حڪايت ۾ ملائڪن جي آمين جو بہ بيان ٿيو، نمازِ باجماعت ۾ سوره فاتِحہ کان پوءِ آهستہ آواز ۾ آمين چئي ويندي آهي، اهڙي طرح دُعا کان بعد بہ اسان آمين چوندا آهيون، ”آمين“ جي معنٰي آهي: ”ائين ئي ٿئي.“ ملائڪن جي ”آمين“ جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ، فرمانِ محبوبِ خُدا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آهي: جڏهن امام** ”غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَ لَا الضَّآلِّيْنَ ۟“ **چوي تہ آمين چئو! هن لاءِ جو جنهن جو آمين چوڻ ملائڪن جي آمين چوڻ جي موافق ٿيندو ان جا اڳوڻا گناهہ بخشيا ويندا.** (بُخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:251، حديث:782)

**پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! باجماعت نماز جون ڪهڙيون برڪتون آهن. ظاهر آهي جيڪو نماز باجماعت ادا نٿو ڪري، اهو امام صاحب جي سوره فاتحہ پڙهڻ کان پوءِ ”اٰمين“ بہ نہ چئي سگهندو ۽ جيڪو ان موقعي تي ”اٰمين“ نہ چئي سگهيو، يقيناً اُن گُناهہ بخشرائڻ جو هڪ عظيم موقعو وڃائي ڇڏيو پر اَفسوس! اسان جي سستي ۽ غفلت جو عِلاج ڪير ڪري! افسوس! اهو دور**

اچي ويو آهي جو بيشُمار نمازي بہ هاڻي جماعت جي پرواھ نٿا ڪن بلڪ ڪڏهن نماز بہ قضا ٿي وڃي تہ انهن کي ڪنهن قسم جو رَنج ناهي ٿيندو، جڏهن تہ بزرگانِ دِين جي حالت اها هئي جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جي تڪبير اُوليٰ فوت ٿي ويندي هئي تہ ٽي ڏينهن ۽ جماعت فوت ٿي ويندي هئي تہ ان جو 7 ڏينهن تائين غم ڪندا هئا. (مڪاشفة القلوب، صفحہ:400)

صحابي ابنِ صحابي حضرتِ عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا جي باري ۾ منقول آهي تہ جيڪڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي جماعت نڪري ويندي هئي تہ ٻي نماز تائين نفل پڙهندا رهندا هئا. هڪ روايت ۾ آهي: جڏهن سندن عشا جي جماعت فوت ٿي ويندي هئي تہ سڄي رات عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا. (الاصابہ، جلد:4، صفحہ:160)

تابعي بُزُرگ حضرتِ سيدُنا سعيد بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي جڏهن جماعت نڪري ويندي هئي تہ پنهنجي ڏاڙهي جهلي روئڻ لڳندا هئا. (ابن عساڪر، جلد:21، صفحہ:203)

## پنج وقت جي باجماعت نماز جون فضيلتون

اي عاشقانِ نماز! صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ عُظّام جي باري ۾ اهو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي تہ اهي بزرگ ڄاڻي واڻي شرعي اجازت جي بغير جماعت ڇڏيندا هئا، ڪنهن عذر (يعني مجبوري) جي ڪري جماعت کان رهجي وڃڻ تي انهن جي اها حالت ٿيندي هئي، پر افسوس! هاڻ اسان جو هڪ تعداد بغير ڪنهن شرعي مجبوري جي جماعت ترڪ جي آفت ۾ مبتلا نظر اچي رهيو آهي ۽ جنهن جي جماعت رهجي ويندي آهي، ان کي افسوس ٿيڻ تہ رهيو پري ان جي ڪلڻ ڳالهائڻ ۾ ڪنهن قسم جو فرق بہ ناهي ايندو! ڪاش...!! جماعت تَرڪ ڪرڻ وارن کي اهو اِحسَاس ٿي وڃي تہ جماعت تَرڪ ڪرڻ جي صُورت ۾ اِن جو ڪيترو نقصان ٿيو آهي. اَحَادِيث جي مطابق ❖ فرض نماز جماعت سان ادا ڪرڻ ۾ ايمان وارو هئڻ جي گواهي آهي. ❖ الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکندو آهي. ❖ باجماعت نماز تنها (يعني

اڪيلي) پڙهڻ ڪان 27 درجا افضل آهي. ❖ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن تي درود موڪليندا آهن. ❖ باجماعت عِشاء جي نماز پڙهڻ جڻ اڌ رات قيام(يعني عبادت) ڪرڻ آهي. ❖ فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ جڻ سڄي رات قيام(يعني عبادت) ڪرڻ آهي. ❖ باجماعت نماز پڙهڻ وارو پلصراط تان سڀ کان پهريان بجليءَ جيان گذرندو. ❖ باجماعت نماز ادا ڪرڻ وارن جي شان ۽ شوڪت ڏسي اهلِ محشر رشڪ ڪندا. ❖ انهن جا گناهه بخشيا ويندا. ❖ نمازِ باجماعت جي لاءِ اچڻ واري ڪي هر وک جي عيوض ثواب ملندو. ❖ مسجد ڏانهن وڃڻ واري جي هر وک تي هڪ درجو بلند ٿيندو آهي ۽. ❖ هڪ گناهه مٽايو ويندو آهي. ❖ الله ڪريم ان جي لاءِ صبح ۽ شام جنت ۾ مهمانيءَ جو اهتمام فرمائيندو. ❖ نماز جي لاءِ ڪنيل هر قدم صدقو آهي. ❖ ٻانهو جيسيتائين نماز جو انتظار ڪندو رهي، پلائي تي رهندو. ❖ الله پاڪ جي حفاظت ۾ رهندو. ❖ الله پاڪ جي خوشنودي جو ذريعو آهي. ❖ شيطان کان محفوظ رهندو. ❖ قيامت جي ڏينهن عرش جي ڇانوَ نصيب ٿيندي. ❖ **ان ڪي** جهنم، منافقت ۽ غفلت ڪان نجات نصيب ٿيندي. ❖ هڪٻئي ۾ محبت وڌندي.

(فيضان نماز، صفحہ:139)

هڪ طويل حديثِ پاڪ ۾ آهي، سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ❖ جنهن فجر جي باجماعت نماز پڙهي، پوءِ ويهي الله جو ذڪر ڪندو رهيو ايسيتائين جو سج نڪري آيو ان جي لاءِ جنت الفردوس ۾ ستر (70) درجا هوندا، هر درجي جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ سيڪاريل تيز ڊوڙندڙ پلوڙ نسل جو گهوڙو ستر (70) سالن ۾ طئي ڪندو آهي، ۽ ❖ جنهن ظهر جي نماز جماعت سان پڙهي ان جي لاءِ جنّتِ عدن ۾ 50 درجا هوندا، هر درجي جي وچ ۾ ايترو مفاصلو هوندو جيترو هڪ سيڪاريل تير ڊوڙندڙ نسلي گهوڙو (يعني Trained) پنجاهه (50) سالن ۾ طئي ڪندو آهي، ۽ ❖ جنهن عصر جي نماز جماعت سان پڙهي ان ڪي حضرت اسماعيل جي اولاد مان اهڙا اَٺ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو جيڪي بيت الله جي سار سنڀال

کندڙ هجن، ۽ ❖ جنهن مغرب جي نماز جماعت سان پڙهي ان کي مبرور حج ۽ مقبول عمري جو ثواب ملندو، ۽ ❖ جنهن عشاء جي نماز جماعت سان پڙهي ان کي لَيۡلَةُ الۡقدر ۾ قيام (يعني عبادت) ڪرڻ جي برابر ثواب ملندو. (شُعَبُ الۡاِیْمَان، بابُ: الصّبر ، جلد:7، صفحہ:137، حديث:9761)

خدا! سب نمازیں پڑھوں باجماعت کرم ہو پئے تاجدارِ رسالت

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## باجماعت نماز جون حڪمتون

اي عاشقان رسول! الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي "باجماعت نماز" پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي، عالم سڳورن ان جون ڪوڙ ساريون حڪمتون بيان ڪيون آهن،

❖ مفسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه "نمازِ باجماعت" جي هڪ حڪمت بيان ڪندي فرمائن ٿا: جماعت جي برڪت سان قوم ۾ تنظيم (Discipline) رهندي آهي، ڇوته مسلمان پنهنجي هر ڪم جي لاءِ امام جيان صدر ۽ اَمير چُوندي ونن، پوءِ امير جي اهڙي اطاعت ڪن جيئن مقتدي امام جي (ڪري ٿو).

پيارا اسلامي ڀائرو! دُنيا مڃي ٿي، نفسيات جا وڏا وڏا ماهر هن ڳالهه کي تسليم ڪن ٿا ته ترقي، ڪاميابي صِرف انهيءَ قوم جو مقدر آهي جنهن قوم ۾ نظم و ضبط هوندو آهي، جتي نظم و ضبط نه هوندو آهي، اتي صِرف افراتفري، بي چيني ۽ ناڪامي هوندي آهي.

۽ الحمدلله! نظم وضبط تي مشتمل جهڙو نظام اسان کي اسلام فراهم ڪيو آهي، اهڙو نظم و ضبط وارو باوقار نظام دُنيا ۾ ٻيو ڪٿي نه آهي. اسلام جي عطا ڪيل نظامِ زِندگي ۾ صِرف هڪ باجماعت نماز ئي کي ڏسي وٺو!

"باجماعت نماز" ۾ ڪو بادشاهه هجي يا غُلام، امير هجي يا غريب، سيٺ هجي يا نوڪر، ڪو ڪارو هجي يا ڇٽو، سڀ هڪ ئي صَف ۾ ڪلهو ڪلهي

سان ملائي ٻيهي رهندا آهن، نہ رنگ ۽ نسل جو امتياز باقِي رهندو آهي، نہ عهدي ۽ منصب جو امتياز هوندو آهي، سڀ رنگ ۽ نسل، عهدي ۽ منصب جو فرق مٽائي هڪ امام جي پيروي ڪري رهيا هوندا آهن، امام صاحب جي اِقتداء ۾ نماز پڙهڻ وارا چاهي 5 افراد هجن، چاهي 5 هزار هجن، سيئي گڏجي امام صاحب جي پيروي ڪري رهيا هوندا آهن، امام صاحب تڪبير چوندو آهي تہ سيئي ”الله اڪبر“ چئي هٿ ڪنن تائين کڻي دل جي هيٺ ٻڌندا آهن، امام صاحب رڪوع ۾ ويندو آهي تہ سيئي رڪوع ۾ هليا ويندا آهن، امام صاحب سجدو ڪري تہ سيئي سجدي ۾ هليا ويندا آهن، امام صاحب سلام ورائي تہ سيئي گڏجي سلام ورائيندا آهن، اهو آهي اسلام جو سيڪاريل بي مثال، باوقار نظم و ضبط...!!

ایک ہی صَف میں کھڑے ہوگئے محمود و ایاز     نہ کوئی بندہ رہا نہ کوئی بندہ نواز
بندہ و صاحب و محتاج و غنی ایک ہوئے     تیری سرکار میں پہنچے تو سبھی ایک ہوئے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## باجماعت نماز جي هڪ عجيب حڪمت

❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والِد محترم، مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه باجماعت نماز جي هڪ عجيب حڪمت بيان ڪئي آهي، سندن فرمان جو مفهوم آهي: جڏهن ڪنهن حڪيم صاحب وٽ دواء وٺڻ جي لاءِ ويندا آهيون تہ حڪيم صاحب مختلف قسم جون جڙي ٻوٽيون ملائي مَعجُون تيار ڪري اسان کي ڏيندو آهي، (اڄڪلهہ ڊاڪٽر حضرات هڪ مرض جي لاءِ ڪيئي ڪيئي *Tablet* ڏين ٿا، انهن ۾ هر *Tablet* جو فارمولو مختلف هوندو آهي) اهڙي طرح حڪيم حضرات جيڪي ديسي جڙي ٻوٽيون ملائي معجون تيار ڪن ٿا، انهن ۾ هر جڙي ٻوٽي جو ڪم الڳ هوندو آهي، پر جڏهن اهي جڙي ٻوٽيون ملي وينديون آهن تہ وڌيڪ بهتر انداز سان مرض جو مقابلو ڪري ان مرض کي پاڙان ختم ڪنديون آهن. اهڙي طرح نماز بہ ڄڻ هڪ دوا آهي، جيڪا مُعَاشري کي بُرائي

جي مرضن کان، بي حيائي جي مرضن کان، فحاشي جي مرضن کان، دِل کي غفلت جي مرض کان شِفَا ڏئي اسان کي الله پاڪ جو قُرب ڏياريندي آهي، دِل کي پاڪ صاف ڪندي ۽ اسان کي نيڪ انسان بڻائيندي آهي پر جڏهن ٻانهو اڪيلو نماز پڙهندو ته هو انهن تمام بيمارين کان پُوري طرح مقابلو نه ڪري سگهندو، نفس اُن کي ڌوڪو ڏيندو، شيطان ان کي وسوسا وجهي ان جي نماز ۾ خلل پيدا ڪندو، جڏهن ته اهو ٻانهو جيڪر باجماعت نماز ادا ڪري ته جماعت ۾ ڪو ٻانهو الله پاڪ جو مقبول هوندو، ڪنهن ۾ خشوع و خضوع جي نعمت هوندي، ڪنهن ۾ عاجزي ۽ انڪساري وڌيڪ هوندي، ڪو وڌيڪ خوفِ خُدا وارو هوندو، ڪو زُهد و تقويٰ وارو هوندو، ايئن اهي تمام ڪيفيتون گڏجي ڄڻ هڪ معجون جي صُورت اختيار ڪري وينديون، پوءِ اهڙي ڪيفيت سان پڙهيل جيڪا نماز هوندي، اها اِن شَآءَ الله الڪرِيم! مُعَاشَري ڪي بيمارين کان چڱي طرح پاڪ ڪري ڇڏيندي، دِل کي دُنياوي خواهشن کان، بُرائي ۽ بي حيائي کان، غفلت کان ۽ ٻين باطني مرضن کان پاڪ صاف ڪري ڇڏيندي. (جواہر البیان، صفحہ:83) حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلشَّيطَانُ مَعَ الوَاحِدِ وَ مِنَ الِاثنَينِ اَبعَد شيطان اڪيلي سان گڏ هوندو آهي ۽ جڏهن ٻه ٿي وڃن ته انهن کان پري رهندو آهي. (ترمذی، کتاب: الفتن، صفحہ:522، حدیث:2165) هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ 40 ڏينهن تڪبيرِ اُوليٰ سان باجماعت نماز پڙهي، ان جي لاءِ ٻه آزاديون لکيون وينديون آهن: هڪ آزادي باهه (يعني جهنّم) کان ۽ ٻي نفاق کان آزادي. (ترمذی، بابُ: الصّلوٰۃ، صفحہ:78، حدیث:241)

اي عاشقانِ رسول! پاڻ اندازو ڪري ونو! صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جو مبارڪ دَور، تابعين جو مبارڪ دَور، تبع تابعين جو پاڪيزه دَور جڏهن ماڻهو نمازِ باجماعت جو خوب اهتمام ڪندا هئا، ايستائين جو لوهار پنهنجو هٿوڙو لوهه تي هڻڻ جي لاءِ کڻندو هو، هوڏانهن اَذان جو آواز ايندو هو ته هٿوڙو لوهه تي هڻڻ بدران ائين ئي رکي نماز جي لاءِ نڪري پوندو هو، چمڙو سبڻ وارو سُئي چمڙي ۾ ڇڏي مسجد ڏانهن روانو ٿي ويندو هو، ڪنهن جي مَصرُوفِيت ان کي

باجماعت نماز کان نہ روکيندي هئي، ان وقت مُعَاشَرو بہ کيترو پاڪيزه هو، ماڻهن جي اکين ۾ حياءُ هو، ماڻهن جي دِل ۾ حياءُ هو، مسلمان هڪٻئي جي خير خواهي ڪندا هئا، ماپ تور ۾ ڪمي نہ ٿيندي هئي، غريبن جو خيال رکيو ويندو هو، فحاشي، عرياني کان مُعَاشرو پاڪ هوندو هو.

۽ اڄ اسان پنهنجو حال بہ ڏسون! اَفسوس! جماعت تہ جماعت، هاڻي ماڻهو نمازون ئي قضاء ڪري ڇڏيندا آهن ۽ شرمساري بہ ناهي ٿيندي، پوءِ ان جو نتيجو بہ سيني جي سامهون آهي: اسان جو سماج ڏينهو ڏينهن تنزلي ڏانهن وڌي رهيو آهي، بي حيائي ڏينهو ڏينهن عُرُوج تي وڃي رهي آهي، مُعَاشَري ۾ نااِتّفاقي، جهيڙو جهٽو، قتل وغارت گري، جرائم، گُنَاهہ، ماپ تور ۾ ڪمي وغيره وغيره خباثتون وڌنديون پيون وڃن...! اَفسوس!

مسجدیں مَرثیہ خواں ہیں کہ نمازی نہ رہے — یعنی وہ صاحِب اَوصَافِ حِجازی نہ رہے
ہر کوئی مَستِ مئے ذَوقِ تَن آسانی ہے — تم مسلماں ہو؟ یہ اندازِ مسلمانی ہے؟
قلب میں سوز نہیں، رُوح میں اِحسَاس نہیں — کچھ بھی پیغامِ محمد کا تمہیں پاس نہیں
وہ زمانے میں مُعَزَّز تھے مسلماں ہو کر — اور تم خوار ہوئے تارِکِ قرآں ہو کر

(کلیات اقبال، صفحہ:336)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

❖ **اي عاشقانِ رسول!** مسلمان رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ پاڻ ۾ هڪٻئي سان محبت ڪن، مُعَاشري ۾ اِتّفاق ٿئي، مُعَاشري ۾ اِتّحاد ٿئي، يڪجهتي ٿئي، اسلام اسان کان اهو گهري ٿو. الله پاڪ قرآنِ ڪريمَ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا
(پارہ4،سورۃآل عمران:103)

ترجمو ڪنزُ الايمان: ۽ الله جي رسي کي مضبوط ٿي وٺو سمورا گڏجي.

**اسان جي پياري آقا، مدينې واري مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جن اِرشاد فرمايو: توهان ان وقت تائين جنّت ۾ داخِل نہ ٿي سگھندؤ جيستائين ايمان قبول نہ ڪيو ۽ توهان ان وقت تائين (ڪامِل) مؤمن نٿا بڻجي سگھو، جيستائين پاڻ ۾ محبت نہ ڪرڻ لڳو.** (شُعَبُ الْاِيْمَان،باب: فی مقاربۃ، جلد:6، صفحہ:423، حديث:8746)

**۽ الحمد لله!** باجماعت نماز جي صُورت ۾ جڏهن سيئي مسلمان صَفون ٻڌندا آهن، ڪو امير هجي يا غريب، بادشاهہ هجي يا وزير سيئي ڪلهو ڪلهي سان ملائي هڪ امام جي پيروي ۾ نماز ادا ڪندا آهن، نماز ڪان پوءِ پاڻ ۾ سلام ۽ مُصَافحو ڪندا آهن، هڪٻئي سان حال اَحوال پڇڻ جو موقعو ملندو آهي، امير غريبن جي حال سان واقف ٿيندا آهن تہ انهن جي دِل ۾ همدردي پيدا ٿيندي آهي، گنهگار نيڪ ماڻهن جو انداز ڏسندا آهن تہ انهن جي دِل ۾ گُناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي، عالم سڳورن سان ملي جاهل عِلم سکندا آهن، اهڙي طرح روزانو پنج وقت مسجد ۾ حاضِري جي ذريعي پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي، اِتّفاق ۽ اِتّحاد پيدا ٿيندو آهي، پاڻ ۾ هڪٻئي سان خير خواهي جا جذبات وڌندا آهن ۽ سماج ۾ بهتري پيدا ٿيندي آهي، اهڙي طرح هڪ اسلامي سماج باجماعت نماز جي برڪت سان مِثَالِي سماج بڻجي ويندو آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هاڻي باجماعت نماز جي انهن عظيم فائدن کي سامهون رکندي ٿورو پنهنجي پاڻ تي بہ غور ڪندا وجو! اڄ جيڪڏهن ڀاءُ پنهنجي ڀاءُ جو گريبان پڪڙي رهيو آهي تہ ڇو؟ اڄ هڪ ڀاءُ پنهنجي ڀاءُ جي ترقي ڏسي حَسَد جي باهہ ۾ سڙي رهيو آهي تہ ڇو؟ سيني ۾ بغض ۽ ڪينو ڀريل آهي تہ ڇو؟ لڙائي جهيڙا عام ڇو ٿي رهيا آهن؟ گهر اَمن جو گهوارو بڻجڻ بدران ميدانِ جنگ ڇو بڻجي رهيا آهن؟ مُعَاشَري ۾ قتل ۽ غارت گري، ڦرلوٽ ڇو عام ٿي رهي آهي؟

ڇا هن سيني جو اَصل سبب اهو نہ آهي تہ اسان اسلام جي ٻُڌايل انهن طريقن کي ڇڏي ڏنو آهي، جن تي عمل ڪرڻ سان پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي،

جن طريقن تي عمل ڪرڻ سان بغض ۽ ڪينو ختم ٿي ويندو آهي، جن طريقن تي عمل ڪرڻ سان مسلمانن سان ڀلائي جو جذبو بيدار ٿيندو آهي ۽ اُنهن ئي مان هڪ طريقو باجماعت نماز بہ آهي، يقين ڪريو! جيستائين اسان جون مسجدون آباد هيون، ان وقت تائين گُنَاهن جا اَڏا ويران هئا، مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا خير خواه هئا، مسلمانن ۾ اَخُوّت ۽ ڀائپي قائِم هئي، مسلمان مُعَاشَرو هڪ مِثَالي مُعَاشرو هو پر افسوس! جڏهن کان مسجدون وِيران ٿيڻ شروع ٿيون آهن، تڏهن کان مُعَاشري ۾ بي راه رَوِي اچڻ لڳي آهي، تڏهن کان ئي بُرائي ۽ فحاشي عروج تي آهي، تڏهن کان ئي لڙائي جهيڙا عام ٿيڻ شروع ٿيا آهن، تڏهن کان ئي اسان جي اَخُوَّت، ڀائپي، اتفاق، اتحاد ۽ يڪجهتي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي پئي وڃي.

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتوت شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گلہ ہے
دیکھے ہیں یہ دِن اپنی ہی غفلت کی بدولت سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے
فریاد ہے! اے کشتیٔ اُمَّت کے نگہبان بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقان رسول!** همّت ڪريو ۽ مسجدون آباد ڪريو! اچو! اسان گڏجي نيت ڪيون ٿا: هينئر کان منهنجي ڪا نماز قضا نہ ٿيندي. اِن شَآءَ الله الڪرِيم! اڄ کان منهنجي ڪا جماعت تَرڪ نہ ٿيندي. اِن شَآءَ الله الڪرِيم! اڄ کان مان نہ صِرف پاڻ پنج ئي نمازون باجماعت پڙهندس بلڪ پنهنجي گهر وارن کي بہ نمازي، باجماعت نماز جو پابند بڻائيندس... اِن شَآءَ الله الڪرِيم! اڄ کان مان پاڻ بہ باجماعت نماز جي پابندي ڪندس ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيندس. اِن شَآءَ الله الڪرِيم!

جہاں اگرچہ دِگرگُوں ہے قُمْ بِاِذْنِ الله وہی زمیں، وہی گردُوں ہے، قُمْ بِاِذْنِ الله
کیا نَوائے "اَنَا الْحَقّ" کو آتشِیں جِس نے تری رگوں میں وُہی خُوں ہے قُمْ بِاِذْنِ الله

يعني توڙي جو هاڻي پهريان جهڙا حالات نہ آهن (مثال طور هاڻي گُناهن جا سبب وڌيڪ ۽ نيڪين جو جذبو گهٽجي ويو آهي) پر ڏسو تہ زمين بہ اها ئي آهي، آسمان بہ اهو ئي آهي (يعني انهيءَ جهان ۾ صحابہ ڪرام ۽ بزرگانِ دين نيڪين ڀري زِندگي گذاري آهي)، لهٰذا الله پاڪ جي حڪم سان اُٿو ۽ دِينِ اسلام جي ڪامِل پيروي شروع ڪري ڇڏيو...!! ها! ها! غور تہ ڪيو...! اهي ئي نيڪ مسلمان جن سڄي دُنيا ۾ ڪلمہءِ حق جي ڌوم مچائي آهي، توهان ان ئي مسلمانن جو اَولاد آهيو، توهان جي رڳن ۾ بہ اهو ئي رت آهي. بَس الله پاڪ جي حڪم سان اُٿو ۽ ٻيهر دُنيا ۾ دِينِ حق جي ڌُوم مچائي ڇڏيو...!! الله پاڪ اسان کي دينِ اسلام تي صحيح معنٰي ۾ عمل ڪرڻ ۽ باجماعت نماز جي پابندي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، نيڪين جو جذبو وڌائڻ ۽ باجماعت نماز جي عادَت پڪي ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، الله پاڪ جي فضل سان، اُن جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احسان ۽ اَولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوت اسلامي الحمد لله! مسجِد ڀريو تحريڪ آهي، الحمد لله! دعوتِ اسلامي مسجدون ٺاهي بہ ٿي ۽ انهن کي آباد بہ ڪري ٿي. اوهان بہ دعوتِ اسلامي سان گڏجي "پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش" ۾ لڳي وڃو، خوب وڌ کان وڌ 12 ديني ڪمن ۾ حِصو وٺو ۽ دُنيا و آخرت جون برڪتون ماڻيو!

12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. الحمد لله! سڄي دنيا ۾ عاشقانِ رسول سُنتن جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سَفَر ڪندا رهن ٿا، اوهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر جي عادَت ٺاهيو.

## نشئي جي اِصلاح ٿي وئي

ڪراچي جو هڪ شخص نندي هوندي کان نشي جو عادي هو، صُبح ناشتي جي بدران چرس ۽ هيروئن جو نشو ڪندو هو، ڪيئي ڀيرا ڊاڪٽرن وٽان علاج ڪرايو پر نشي جي عادت ختم ڪانہ ٿي سگهي، ٻين گُناهن جي دلدل ۾ بہ ڦاٿل هو، شادي کان پوءِ گهرواريءَ ۽ ٻار بہ ان جي ڪري پريشان رهندا هئا، ڪنهن نموني رَبِيع الاوّل ۾ عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ پهتو، اتي هڪ وڏي عمر جي مبلغ دعوتِ اسلامي ان تي شفقت ڪئي ۽ ان جو ذهن ٺهيو تہ مان 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس، مَدَني قافلي ۾ شُروع ۾ ان کي نشو نہ ڪرڻ تي تڪليف تہ ٿي، نہ چڱي طرح ننڊ ايندي هئي، نہ بک لڳندي هئي، پر هو عبادت ۾ لڳل رهيو ۽ روئي روئي پنهنجي گُناهن جي معافي گهرندو رهيو، چار يا پنج ڏينهن کان پوءِ ان کي بُک لڳڻ شروع ٿي ۽ رات ۾ ننڊ بہ اچڻ لڳي، مَدَني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان نشي مان ان جي جان ڇُٽي، بلڪ هو پنج وَقت جي فَرض نماز بلڪ تَهجُّد ۽ اِشراق و چاشت بہ پڙهڻ لڳو، مٿي تي عمامو شريف بہ سجائي ورتو، ان جو چوڻ آهي تہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچي مون کي هڪ نئين زندگي ملي الحمد لله منهنجا ٻار ٻچا پڻ هاڻي مون کان خوش آهن.

اے شرابی تو آ، آ جُواری تو آ چُھوٹیں بد عادتیں قافلے میں چلو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي ۽ باجماعت نماز جو پابند ٿيڻ جو هڪ طريقو تہ اهو آهي تہ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر ڪيو وڃي، ان جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو عطا ڪيل ”72 نيڪ اَعمَال“ جو رِسالو حاصِل ڪيو وڃي ۽ باقاعدگي سان ڪو وقت مقرر ڪري روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺندي ان جا خانا ڀريا وڃن، الحمد لله! 72 نيڪ اَعمَال ۾ بہ ”باجماعت نماز“ وارو نيڪ عمل شامِل آهي،

جيڪڏهن اسان 72 نيڪ اعمال وارو رسالو حاصِل ڪري ۽ ان جي ذريعي پنهنجي سڄي ڏينهن جي عملن جو جائِزو ونڻ جي عادت بڻايون ته اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ان جي برڪت سان به باجماعت نماز جي عادَت پَڪي ٿي ويندي. الله پاڪ اسان سڀني کي پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## "اَوقاتُ الصَّلوٰة" موبائل ايپلي ڪيشن

**اي عاشقان رسول!** الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمَارٽ فون (*smartphone*) جي ذريعي به عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي:*Prayer Times* (يعني اَوقاتُ الصّلوٰة) . هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان نمازن جا اَوقات معلوم ڪري سگهجن ٿا، هن ۾ ڪمپاس به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان قبلي جي دُرست سمت معلوم ڪري سگهجي ٿي، ان کان عِلاوه ڊيجيٽل تسبيح، اسلامي ڪيلنڊر، مختلف اَوراد ۽ وَظائِف وغيره به شامِل آهن. اوهان به پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ

جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بیانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حدیث:220)

سُنّت کے مطابق میں ہر اِک کام کروں کاش! تُو پیکرِ سُنَّت مجھے اللہ بنا دے

(وسائل بخشش، صفحہ:118)

## مصافحو ڪرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1): پاڻ ۾ مصافحو ڪيو (يعني هٿ ملايو) هن سان بُغض ۽ ڪينو پري ٿيندو آهي. (موطا امام مالک، کتاب:حسن الخلق، باب:ماجاء فی المهاجرة، صفحہ:483، حدیث:1731) (2): ٻه مسلمان پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائن ته انهن ٻنهي جا گُناهه ڇڻي ويندا آهن. (کنزالعمال، کتاب:الصحبۃ، جزء:9، جلد:5، صفحہ:57، حدیث:25363)

اي عاشقانِ رسول! سلام ڪرڻ وقت پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي ❖ اسان جا آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ملاقات جي وقت صحابه ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضوَان سان سلام ڪندا ۽ ٻنهي هٿن سان مُصَافحو (يعني هٿ ملائيندا) هئا.

ياد رهي! ❖ مصافحو ٻن هٿن سان سنتِ مبارڪه آهي، هڪ هٿ ملائڻ سنت نه آهي. ❖ ڪي ماڻهو صرف آڱريون پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن، اهو به سنت نه آهي. (101مدنی پھول، صفحہ:8) ❖ هٿ ملائڻ مهل وچ ۾ رُومال وغيره جو حائل هئڻ به سنت نه آهي بلڪه تري سان تري ملڻ گهرجي. ❖ مصافحو ڪرڻ وقت آڱوٺي کي معمولي دٻائڻ گهرجي، هن ۾ حڪمت اها آهي ته آڱوٺي ۾ هڪ رَڳ آهي جنهن کي پڪڙڻ سان محبت وڌندي آهي. ❖ مصافحو ڪرڻ کان پوءِ ڪي ماڻهو پنهنجو ئي هٿ چمي ونندا آهن اهو مڪروه آهي. (بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:471ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

**بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات** (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) **هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.** (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

**حضرتِ سَيِّدُنا انس** رَضِيَ اللهُ عَنْه **کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.** (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

**جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.** (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. (الترغيب والترھيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## (1) ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي**)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد